# سنڌ آرڊيننس نمبر II، 1971

## اولهہ پاڪستان (انٽرميڊيئيٽ ۽ سيڪنڊري تعليمي بورڊ، ڪراچي) (سنڌ ترميمي) آرڊيننس، 1971

## فهرست

تمهيد

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
2. 1962 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس III جي سيڪشن 1 جي ترميم:
3. 1962 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس III جي سيڪشن 2 جي ترميم:
4. 1962 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس III جي سيڪشن 5 جي ترميم:

# سنڌ آرڊيننس نمبر II، 1971

## اولھ پاڪستان (انٽرميڊيئيٽ ۽ سيڪنڊري تعليمي بورڊ، ڪراچي) (سنڌ ترميمي) آرڊيننس، 1971

[27 هين جنوري، 1971]

هڪ آرڊيننس، اولھ پاڪستان (انٽرميڊيئيٽ ۽ سيڪنڊري تعليمي بورڊ، ڪراچي) ۾ ترميم (Amendment) لاءِ

تمهيد

جيئن تہ اولھ پاڪستان (انٽرميڊيئيٽ ۽ سيڪنڊري تعليمي بورڊ، ڪراچي) آرڊيننس، 1962 ۾ هيٺين ريت ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي:

هاڻي، تنهن ڪري، 25 مارچ 1969ع جي مارشل لا جي اعلان جي عمل جي روشني ۾، عبوري آئيني حڪم سان گڏ پڙهو ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن موجب سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس نافذ (Promulgate) ڪرڻ فرمايو آهي:-

مختصر عنوان ۽ شروعات

1. (1) هي آرڊيننس اولھ پاڪستان (انٽرميڊيئيٽ ۽ سيڪنڊري تعليمي بورڊ، ڪراچي) (سنڌ ترميمي) آرڊيننس، 1971 سڏيو ويندو.

(2) اهو فوري طور تي نافذالعمل هوندو.

اولھ پاڪستان آرڊيننس III جي سيڪشن 1 جي ترميم:

2. اولھ پاڪستان (انٽرميڊيئيٽ ۽ سيڪنڊري تعليمي بورڊ، ڪراچي) (سنڌ ترميمي) آرڊيننس، 1971 ۾، مک (Principal) آرڊيننس جو حوالو ونندي، دفع (Section) (1) جي ذيلي دفع (Sub-Section) (1) ۾، لفظن، ڏنگين (Brackets) ۽ اڌ دم (Comma) لاءِ "اولھ پاڪستان (انٽرميڊيئيٽ ۽ سيڪنڊري تعليمي بورڊ، ڪراچي)" بدران لفظ، اڌ دم (Comma) "انٽرميڊيئيٽ ۽ سيڪنڊري تعليمي بورڊ، ڪراچي" وڌا ويندا. (Substituted)

1962 جي اولھ پاڪستان آرڊيننس III جي سيڪشن 2 جي ترميم:

3. مک آرڊيننس (Principal Ordinance) جي دفع (Section) 2 ۾، هيٺين دفع (Section) وڌو ويندو يعني:-

4. مک آرڊيننس (Principal Ordinance) جي دفع (Section) 5 لاءِ، هيٺيان دفع (Section) وڌا ويندا. (Substituted)

1962 جي اولھ پاڪستان آرڊيننس III جي سيڪشن 5 جي ترميم:

"5. بورڊ جو رڪن (Member) چيئرمين ڏانهن خط ذريعي پنهنجي رڪنيت (Membership) تان استعيفيٰ ڏئي سگھي ٿو ۽ چيئرمين حڪومت ڏانهن خط ذريعي پنهنجي آفيس مان استعيفيٰ ڏئي سگھي ٿو."

نوٽ: مذڪوره ترجمو عام ماڻھن جي واقفيت لاءِ آهي، جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگھجي. [redacted]